هفتيوار رسالو

TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

(قسط: 3)

امام غزالي رحمة الله عليه جي ڪتاب ”احياء العلوم“ مان ورتل

علم، عمل، آداب ۽ باطني اصلاح جو خوبصورت گلدستو




- حج جي قبوليت جي نشاني
- لڪيل عمل جي فضيلت
- خواب جي باري ۾ عجيب ڳالهه
- مغفرت جي بشارت

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: علم ۽ عمل جون ڳالهيون
ڇاپو پهريون: شوال 1447هہ، اپريل 2026ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

# فهرست

## علم ۽ عمل جون ڳالهيون


دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
حج جي سفر جا آداب ........ 1
حج جا باطني آداب ........ 2
حج جا چار قِسم ........ 2
سفر کي سفر چوڻ جو سبب؟ ........ 3
تقويٰ ........ 3
حج جي قبوليت جي نشاني ........ 3
قربِ خداوندي جو بهترين ذريعو ........ 4
3 شيون قوتِ حافظ جو سبب ........ 4
توکي اسان جي ڪلام سان ڪهڙو واسطو؟ ........ 4
ڪثرتِ تلاوت جي ڪري...؟ ........ 4
اللّٰه پاڪ جو پنهنجي ٻانهي سان ڪلام ........ 5
قرآن پاڪ حُزن (درد) سان پڙهو ........ 6
قرآن سهڻي آواز ۾ پڙهيو وڃي ........ 6
روئڻ ڪٿي آهي؟ ........ 6
تڪلف سان روئڻ جو طريقو ........ 7
غم جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو طريقو ........ 7
پوشيده عمل جي فضيلت ........ 7
حضرت ابوموسيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي باري ۾ فرمانِ نبوي ........ 8
قرآن ۾ ڇا آهي؟ ........ 8
جيڪڏهن دليون پاڪ ٿي وڃن ته ........ 8
منهنجو ربّ مون کي ڪڏهن ياد ڪندو آهي؟ ........ 9
ذڪر جا ۾ قسمَ ........ 9
دعا جا آداب ........ 9
رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ دعا ........ 10
تسبيحات آڱرين تي پڙهڻ گهرجن ........ 10
دعا ضرور ڪريو ........ 10
دعا جو هڪ سهڻو ادب ........ 11
جيڪو چاهين ڪر مون توکي بخشي ڇڏيو ........ 11
معافي گهرڻ جو فائدو ........ 11
سمهڻ بهتر آهي ........ 12
ننڊ ۾ اعتدال ڇا آهي؟ ........ 12

خواب جي باري ۾ عجيب ڳالھ ........ 12
ڪڏهن قرآن نہ وسرندو؟ ........ 12
اجتماع ۾ شرڪت جي فضيلت ........ 13
اي باهہ جا رب! مون کي ان کان نجات ڏي ........ 13
گناهن جون نحوستون ........ 14
گناهہ جي سزا ۾ جماعت رهجي ويندي آهي ........ 14
دنيا ۾ 5 ڏينهن خاص ڪري لذتن کان بچو ........ 14
سمهڻ جا آداب ........ 15
مغفرت جي بشارت ........ 15
شب بيداريءَ جو سڀ کان افضل طريقو ........ 16
ننڊ بابت هڪ بزرگ جو قول ........ 16

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون (قسط:3) (1)

**دعاءِ عطار:** اي ربِّ كريم! جيكو بہ هي رسالو ”**علم ۽ عمل جون ڳالهيون** (قسط: 3)“ مكمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان كي نيك عمل كرڻ جي توفيق عطا كر، ان كي سندس والدين ۽ خاندان سميت جنتُ الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، مكي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن شوق ۽ محبت جي كري ڏينهن ۽ رات ۾ مون تي ٽي ٽي ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي تہ هو ان جي ان ڏينهن ۽ رات جا گناهہ بخشي ڇڏي. (معجم كبير،362/18،حديث:928)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حج جي سفر جا آداب

(1) حج تي وڃڻ وارو توبہ سان شروعات كري. (2) نيك شخص كي ساٿي بڻائي جيكو ڀلائيءَ جو طلبگار هجي. (3) گهر كان نكرڻ وقت بہ ركعتون پڙهي. (4) گهر جي دروازي تي دعا پڙهي.(5) جڏهن

1... هي رسالو المدينةُ العلميہ جي كتاب ” احياءُ العلوم (اردو) جلد: 1“ مان تيار كيو ويو آهي.

سواريءَ تي سوار ٿئي تہ دعا پڙهي. (6) جيستائين ڏينهن گرم نہ ٿئي ڪٿي بہ قيام نہ ڪري، گهڻو ڪري سفر رات جي وقت هجي. (7) ڏينهن جو خوب احتياط ڪري، قافلي کان الڳ اڪيلو نہ هلي. (8) جڏهن مٿانهين جاءِ تي چڙهي تہ 3 ڀيرا ”الله اڪبر“ چوي. (احياء العلوم،753/1تا 759 ملخصاً و ملتقطاً)

## حج جا باطني آداب

(1) نَفقو (يعني خرچ) حلال ڪمائيءَ مان هجي. (2) زادِ راهہ (سفر جي خرچ) ۾ وسعت هجي. (3) رَفَث(هر فضول ڳالهہ)، فسق ۽ جدال (يعني جهيڙي) کي ترڪ ڪري ڇڏي. (4) جيڪڏهن ٿي سگهي تہ پيدل حج ڪري جو اهو افضل آهي. (5) بار کڻندڙ جانور تي بغير ڪجاوي جي سوار ٿئي. (6) حاجيءَ جو لباس عام ۽ سادو هجي، پريشان حال ۽ وڪريل وارن وارو هجي، گهڻو سينگار نہ ڪري. (7) سواريءَ سان نرمي وارو ورتاءُ ڪري. (8) قرباني ڪري قربِ الٰهي حاصل ڪري. (9) حج جي راهہ ۾ زادِ راهہ يا قرباني وغيره ۾ جيڪو مال خرچ ڪري، خوش دليءَ سان ڪري. (احياء العلوم،793/1تا 802 ملخصاً)

## حج جا چار قِسم

مَرْوِي آهي تہ: ”آخري زماني ۾ ماڻهو حج لاءِ چئن قسمن جا ٿي نڪرندا: بادشاهہ عيش و عشرت لاءِ، امير (دولت مند) تجارت لاءِ، فقير گهرڻ (سوال ڪرڻ) لاءِ ۽ قراء (پڙهڻ وارا) ڏيکاءُ لاءِ.“ (احياء العلوم، 1/ 793)

## دين ۽ دنيا

الله پاڪ دين جي بدلي دنيا عطا فرمائي ڇڏيندو آهي پر دنيا جي بدلي دين ناهي ڏيندو. (احياء العلوم، 794/1)

ممنوع (منع ٿيل ڪم) طرف وٺي وڃڻ وارو ڪم بہ ممنوع هوندو آهي. (احياء العلوم،795/1)

## سفرڪي سفر چوڻ جو سبب؟

سفر ڪي سفر ان ڪري چيو ويندو آهي جو اهو ماڻهن جي اخلاق کي ظاهر (پڌرو) ڪندو آهي. (احياء العلوم، 796/1) ۽ ڪنهن کي سڃاڻڻ لاءِ تہ هو ڪيئن آهي، ان سان گڏ سفر ڪيو وڃي.

## تقويٰ

هڪ شخص حضرت سيدُنا عبداللّٰہ بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي چيو: منهنجو هي خط فلاڻي تائين پهچائي ڏيو. پاڻ فرمايائون: ”(ترس!) مان سواريءَ جي مالڪ کان اجازت وٺي اچان، ڇو تہ مان هي جانور ڪرائي تي ورتو آهي.“ غور ڪريو! هنن خط کڻڻ جي معاملي ۾ بہ تقويٰ اختيار ڪئي، حالانڪه ان جو ڪو وزن ناهي هوندو. تقويٰ ۾ هي احتياط جو طريقو آهي، ڇوتہ جيڪڏهن ٿوري ڪم جو دروازو کلي وڃي تہ اهو آهستي آهستي وڏيڪ ڏانهن وٺي ويندو آهي. (احياء العلوم، 800/1)

## حج جي قبوليت جي نشاني

منقول آهي تہ حج جي قبوليت جي هڪ علامت هيءَ آهي تہ هو جن نافرمانين ۾ مبتلا هو انهن کي ڇڏي ڏي ۽ پنهنجي برن دوستن کي ڇڏي ڪري نيڪَن جي صحبت اختيار ڪري، راند روند ۽ غفلت جي مجلسن کي ڇڏي ڪري ذڪر و فڪر ۽ بيداريءَ جون محفلون اختيار ڪري. (احياء العلوم، 803/1)

## قربِ خداوندي جو بهترين ذريعو

حضرت سَيِّدُنا امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مون خواب ۾ ربِّ پاڪ جي ديدار جو شرف حاصل ڪيو، مون عرض ڪيو: ”اي رب پاڪ! تنهنجي ويجهو ڪهڙو عمل افضل آهي جنهن جي ذريعي مقربين تنهنجو قرب حاصل ڪندا آهن؟“ ارشاد ٿيو: ”اي احمد! اهو منهنجو پاڪ ڪلام (قرآنِ پاڪ) آهي.“ مون عرض ڪيو: ”اي رب پاڪ! ان کي سمجهي پڙهي يا بغير سمجهڻ جي؟“ ارشاد فرمايو: ”سمجهي پڙهي يا بغير سمجهڻ جي.“ (احياء العلوم،826/1)

## 3 شيون قوتِ حافظ جو سبب

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت سيدُنا عليُ المرتضيٰ رَضِيَاللّٰهُعَنۡهُ جو فرمان آهي: ٽي شيون قوتِ حافظ (ياداشت) ۾ اضافو ڪنديون ۽ بلغم کي ختم ڪنديون: (1) مسواڪ ڪرڻ (2) روزا رکڻ (3) قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ. (احياء العلوم،827/1)

## توکي اسان جي ڪلام سان ڪهڙو واسطو؟

ڪجهه علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ”**جڏهن** ابنِ آدم تلاوت دوران لغو (يعني فضول) ڳالهين ۾ مشغول ٿي وري پڙهڻ لڳندو آهي ته ڪيس چيو ويندو آهي ته توکي اسان جي ڪلام سان ڪهڙو واسطو؟“ (احياء العلوم،828/1)

## ڪثرتِ تلاوت جي ڪري...؟

مسلمانن جا ٽيان خليفه حضرت سيدُنا عثمانِ غني رَضِيَاللّٰهُعَنۡهُ ايتري ڪثرت سان تلاوت فرمائيندا هئا جو ان جي ڪري پاڻ وٽ موجود ٻه

مصحف شريف شهيد ٿي ويا هئا. ڪيترائي صحابهءِ ڪرام رضی اللہ عنھم ڏسي قرآن پاڪ پڙهندا هئا ۽ ڪوبہ ڏينهن قرآن پاڪ کي ڏسڻ کان سواءِ گذارڻ پسند نہ ڪندا هئا. (احياء العلوم،843/1)

## الله پاڪ جو پنهنجي ٻانهي سان ڪلام

توراتِ شريف ۾ آهي تہ (الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:) اي ٻانها! ڇا توکي مون کان حيا نٿو اچي؟ جو تون رستي تي هلي رهيو هوندو آهين، تو وٽ تنهنجي ڪنهن ياءُ جو خط ايندو آهي تہ تون رستي تان هٽي ويندو ۽ ويهي ڪري ان جي هڪ هڪ اکرَ کي غور سان پڙهندو آهين ايستائين جو ان جو ڪو لفظ ناهين ڇڏيندو جڏهن تہ هي منهنجو ڪتاب آهي، مون ان کي تنهنجي طرف نازل ڪيو آهي، ڏس! ان ۾ تنهنجي لاءِ ڪيتري تفصيل آهي، مون ڪيترائي ڀيرا توکي سمجهايو تہ جيئن تون ان جي ڊيگهہ ۽ ويڪر ۾ غور و فڪر ڪرين پر پوءِ بہ تون ان کان منهن موڙين ٿو. ڇا منهنجو مرتبو تنهنجي ويجهو تنهنجي يائرن کان بہ گهٽ آهي؟ اي منهنجا ٻانها! تنهنجي ويجهو تنهنجو ڪو ياءُ ويهندو آهي تہ تون ان ڏانهن مڪمل متوجہ ٿيندو آهين ۽ پنهنجي دل کي ان جي ڳالهين طرف لڳائيندو آهين، جيڪڏهن ان دوران ڪو شخص ڳالهائي يا ڪو ان جي ڳالهين ۾ خلل وجهي تہ تون ان کي اشاري سان خاموش ڪرائي ڇڏيندو آهين هاڻي جڏهن تہ مان تنهنجي طرف متوجہ آهيان ۽ تو سان ڪلام ڪري رهيو آهيان تہ تنهنجي حالت هيءَ آهي جو تنهنجي دل مون کان منهن موڙيندڙ آهي، ڇا تو مون کي پنهنجي يائرن کان بہ گهٽ مرتبي وارو سمجهيو آهي؟ (احياء العلوم،830/1)

## قرآن پاڪ حُزن (درد) سان پڙهو

قرآنِ پاڪ پڙهندي روئڻ مستحب آهي، چو ته مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قرآن پڙهو ۽ روئو! جيڪڏهن اوهان کي روئڻ نه اچي ته روئڻ جهڙي صورت بڻائي وٺو. (ابنِ ماجه، 129/2، حديث:1337۔احياء العلوم، 1 /836)

## قرآن سهڻي آواز ۾ پڙهيو وڃي

هڪ روايت ۾ آهي ته: ”جيڪو شخص قرآن پاڪ کي سهڻي آواز سان ناهي پڙهندو، اهو اسان مان ناهي.“ ( بخارى، 586/4 حديث:7527 ۔ احياء العلوم، 1 /836)

**شرحِ حديث:** جيڪو شخص قرآن شريف خوش الحاني(مٺي آواز) سان نه پڙهي اهو اسان جي طريقي کان ٻاهر آهي. معلوم ٿيو ته خراب آواز وارو به پنهنجي طاقت آهر عمدگيءَ سان قرآنِ پاڪ پڙهي، چو ته خوش آوازي قرآن جو زيور آهي، جنهن سان تلاوت ۾ ڪشش پيدا ٿيندي آهي، ماڻهن جون دليون مائل ٿينديون آهن، ان ڪري هي تبليغ جو ذريعو آهي. (مرأة المناجيح،266/3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روئڻ ڪٿي آهي؟

حضرت سيدُنا صالح مري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون خواب ۾ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي ته پاڻ پڇيائون: ”اي صالح! هي تلاوتِ قرآن آهي ته روئڻ ڪٿي آهي؟“ (احياء العلوم، 1 /836)

## تڪلف سان روئڻ جو طريقو

حضرت سيدُنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُما فرمائن ٿا: جڏهن توهان الله پاڪ لاءِ آيتِ سجده تلاوت ڪريو تہ سجدي ڪرڻ ۾ تڪڙ نہ ڪريو جيستائين روئڻ نہ اچي، جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جي اک نہ روئي تہ ان جي دل کي روئڻ گهرجي.

(ان جو طريقو): هي آهي تہ دل ۾ غم کي حاضر ڪري جو ان مان روئڻ پيدا ٿئي ٿيندو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قرآن غم سان نازل ٿيو، تنهنڪري جڏهن توهان ان جي قرائت ڪريو تہ غم ظاهر ڪريو." (مجمع الزوائد،351/7،حديث:11694 مفهومًا۔ احياء العلوم،836/1)

## غم جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو طريقو

غم جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ ان ۾ وارد تنبيهات، وعيدون ۽ عهد و پيمان ياد ڪري، پوءِ ان جي اوامر ۽ نواهي (يعني جن ڳالهين جي ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي) جي معاملي ۾ پنهنجي ڪوتاهين تي غور و فڪر ڪري تہ يقيناً هو غمگين ٿيندو ۽ روئڻ لڳندو. جيڪڏهن ان تي غم ۽ روئڻ جي ڪيفيت طاري نہ ٿئي، جيئن صاف دل وارن تي ٿيندي آهي، تہ ڪيس نہ روئڻ ۽ غمگين نہ ٿيڻ تي روئڻ گهرجي ڇو تہ هي سڀ کان وڏي مصيبت آهي. (احياء العلوم،837/1)

## پوشيده عمل جي فضيلت

هڪ روايت ۾ آهي تہ: "پوشيده عمل اعلانيہ عمل کان 70 ڀيرا وڌيڪ فضيلت رکي ٿو." (شعب الايمان ،408/1،حديث:556 مفهوماً۔احياء العلوم، 840/1)

## حضرت ابوموسيٰ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي باري ۾ فرمانِ نبوي

حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيدُنا ابوموسيٰ اشعري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي قرائت ٻڌي ارشاد فرمايو: ”هن کي دائود عَلَیۡہِ السَّلَام جهڙي خوش آوازي عطا ڪئي وئي آهي.“ (بخاری، 416/3،حدیث:5048) جڏهن هي ڳالهه حضرت ابوموسيٰ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ تائين پهتي ته عرض ڪيائين: ”يارسولَ الله! جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته توهان ٻڌي رهيا آهيو ته مان وڌيڪ خوش الحاني سان پڙهان ها.“ (قوت القلوب،112/1 ۔احیاء العلوم، 844/1)

## قرآن ۾ ڇا آهي؟

منقول آهي ته قرآنِ پاڪ ۾ ميدان، باغ، حجرا، ڪنوارون، ريشمي لباس، باغيچا ۽ سرائون (يعني مسافر خانا) آهن. لفظِ ”ميم“ قرآن جا ميدان آهن، لفظِ ”را“ قرآن جا باغ آهن، لفظِ ”حا“ ان جا حجرا آهن، تسبيح سان شروع ٿيندڙ سورتون قرآن جون ڪنوارون آهن، ”حٰم“ قرآن جا ريشمي ڪپڙا آهن، مفصل سورتون ان جا باغيچا آهن ۽ ان کان علاوه سرائون آهن. جڏهن قرآن پڙهندڙ ميدانن ۾ داخل ٿيندو، باغن مان ميوا پٽيندو. حُجرن ۾ داخل ٿي ڪنوارن وٽ ويندو، ريشمي لباس پائيندو، باغيچن ۾ سير ڪندو ۽ مسافر خانن ۾ سڪونت اختيار ڪندو آهي ته هي سڀ ڪيس گهيري وٺندا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کان علاوه ٻين کان ڦيري ڇڏيندا آهن، پوءِ نه ان جي دل ٻي طرف متوجه ٿيندي آهي ۽ نه ئي ان جي سوچ منتشر ٿيندي آهي. (احیاء العلوم،850/1)

## جيڪڏهن دليون پاڪ ٿي وڃن ته...

مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت سيدُنا عثمان غني ۽ حضرت

سيدُنا حذيفہ بن يَمان رضی اللہ عنہما فرمايو: جيڪڏهن دليون پاڪ ٿي وڃن تہ قرآن جي تلاوت کان ڪڏهن بہ سير نہ ٿين. (احياء العلوم،871/1)

## منهنجو ربّ مون کي ڪڏهن ياد ڪندو آهي؟

حضرت سيدُنا ثابت بناني رحمۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ”مون کي ان ساعت (وقت) جي خبر آهي جنهن ۾ منهنجو ربّ منهنجو ذڪر فرمائيندو آهي.“ حاضرين مون کان پُڇڻ لڳا: ”هي اوهان کي ڪيئن خبر پئي ٿي؟“ فرمايائون: ”جڏهن مان ان جو ذڪر ڪندو آهيان تہ هو منهنجو چرچو ڪندو آهي.“ (احياء العلوم، 886/1)

## ذڪر جا ٻہ قسمَ

حضرت سيدُنا حسن بصري رحمۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ذڪر ٻن قسمن جا آهن: (1) جيڪو صرف ٻانهي ۽ اللّٰه جي وچ ۾ هجي (ڪو ٻيو ان کان خبر وار نہ هجي). هي ياد بہ ڪيتري نہ عظيم اجر واري آهي. (2) ان کان بہ وڏيڪ فضيلت وارو ذڪر هي آهي تہ انسان اللّٰه جي حرام ڪيل شين جي معاملي ۾ اللّٰه کي ياد رکي (يعني حرام ڪم جو خيال ايندي ئي ربّ کي ياد ڪري ۽ حرام ڪاري کان باز رهي). (احياء العلوم، 890/1)

## دعا جا آداب

(1) دعا جي سٺن وقتن جو خيال رکي. (2) دعا گهرڻ وارو مقدس احوال مان بہ فائدو وٺي. (3) دعا قبلي رخ تي گهري وڃي. (4) دعا گهرڻ وقت آواز نہ تمام گهٽ هجي ۽ نہ تمام بلند. (5) دعا ۾ هم وزن لفظ آڻڻ جو تڪلف نہ ڪيو وڃي. (6) دعا گهرندڙ عاجزي ۽ انڪساري وارو هجي. (7) دعا جي قبوليت جو يقين هجي. (8) سوال ڪرڻ ۾

اصرار ڪري ۽ دعا تي تي پيرا گُهري وجي. (9) دعا جي شروعات اللّٰه جي ذڪر سان ڪئي وجي. (10) توبہ ڪرڻ ۽ ظلم سان ورتل مال واپس ڪرڻ ۽ پنهنجي پوري ڪوشش سان اللّٰه پاڪ ڏانهن متوجہ ٿيڻ. (احياء العلوم،908/1تا 918)

## رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ دعا

نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي جي حالت ۾ هي دعا فرمائي: اَعُوْذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ وَاَعُوْذُ بِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوْبَتِكَ وَاَعُوْذُ بِكَ مِنْكَ لَا اُحْصِىْ ثَنَاءً عَلَيْكَ اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ يعني مان تنهنجي ناراضگي کان تنهنجي رضا جي ۽ تنهنجي سزا کان تنهنجي عافيت جي پناهہ گهران ٿو، (يعني تنهنجي ذات کان تنهنجي صفات جي پناهہ يا تنهنجي غضب کان تنهنجي رحم جي پناهہ) مان تنهنجي ثناء (بيان) نٿو ڪري سگهان، تون ائين ئي آهين جيئن تو پاڻ پنهنجي تعريف ڪئي. (مسلم،ص252،حديث:476 ـ احياء العلوم، 883/1)

## تسبيحات آڱرين تي پڙهڻ گهرجن

حضرت سيدُنا عبداللّٰه بن عَمرو رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: ”مون حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شمار ڪندي تسبيح پڙهندي ڏٺو.“ هڪ بي روايت ۾ پاڻ فرمايائون: آڱرين تي شمار ڪريو ڇوتہ هي آڱريون ڳالهائينديون. (ابو داؤد،116/2،حديث:1501،1502مفهوماً)

## دعا ضرور ڪريو

حضرت سيدُنا سفيان بن عيينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: توهان پنهنجي پاڻ ۾ ڪا برائي ڏسي دعا کان پري نہ ٿيو، ڇو تہ اللّٰه پاڪ سڀ کان

بري مخلوق شيطان جي بہ دعا قبول فرمائي. (احياء العلوم،917/1)

## دعا جو هڪ سهڻو ادب

دعا جو هڪ ادب هي آهي تہ پنهنجي دعا کي ٽي ڀيرا دهرايو. حضرت سيدُنا عبدالله بن مسعود رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بہ دعا يا سوال ڪندا هئا تہ ٽي ڀيرا ڪندا هئا. (مسلم،ص991،حديث:1794۔احياء العلوم، 917/1)

## جيڪو چاهين ڪر مون توکي بخشي ڇڏيو

ٻانهو جڏهن ڪو گناهہ ڪري ويهي پوءِ چوي: ”اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِی يعني اي الله مون کي معاف فرماءِ.“ تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: ”منهنجي ٻانهي کان گناهہ ٿي ويو ۽ هو ڄاڻي ٿو تہ ان جو ربّ آهي جيڪو گناهہ تي پڪڙ بہ ڪري ٿو ۽ بخشي بہ ڇڏي ٿو. اي منهنجا ٻانها! جيڪو چاهين ڪر مون تنهنجي بخشش فرمائي ڇڏي.“ (مسلم، ص 1474تا 1475،حديث:2758۔احياء العلوم،933/1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## معافي گهرڻ جو فائدو

معافي گهرندڙ گناهہ تي ضد ڪندڙ ناهي، چاهي ڏينهن ۾ 70 ڀيرا گناهہ ڪري. (ابو داؤد،121/2،حديث:1514۔احياء العلوم، 933/1)

هن حديث پاڪ جي تحت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: (هي شرط آهي تہ) توبہ وقت گناهہ کان باز (يعني پري) رهڻ جو پورو ارادو هجي، جيڪڏهن توبہ وقت ئي خيال هجي تہ گناهہ ڪندو رهندس تہ اها توبہ ناهي پر (معاذالله) اسلام جو مذاق آهي. (مرأة المناجيح،364/3)

## سمهڻ بهتر آهي

ڪجهه بزرگ فرمائن ٿا: ماڻهن تي اهڙو زمانو ايندو جو انهن جي تمام عملن ۾ افضل عمل خاموشي ۽ ننڊ هوندي. ڪيترائي عابد اهڙا آهن جن جي بهترين حالت ننڊ آهي. هي ان وقت آهي جڏهن هو ريا (ڏيکاءُ) لاءِ عبادت ڪري ۽ ان ۾ اخلاص نہ هجي. (احياء العلوم،1007/1)

## ننڊ ۾ اعتدال ڇا آهي؟

ننڊ ۾ اعتدال هي آهي تہ رات ۽ ڏينهن ۾ اَٺ ڪلاڪ سمهي، جيڪڏهن ايترو وقت رات جو سمهي چڪو هجي تہ ڏينهن جو سمهڻ جو ڪو مطلب ناهي. (احياء العلوم،1009/1)

## خواب جي باري ۾ عجيب ڳالھ

مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن ٻانهو باوضو سمهندو آهي تہ ان جي روح عرش ڏانهن کنئين ويندي آهي تہ ان جا خواب سچا هوندا آهن. جيڪڏهن باوضو نہ سمهي تہ ان جي روح پهچڻ کان قاصر رهندي آهي ۽ کيس پريشان ڪندڙ خواب ايندا آهن جيڪي سچا ناهن هوندا. (معجم اوسط، 63/4،حديث:5220ماخوذاً) طهارت مان ظاهري ۽ باطني ٻنهي قِسمن جي طهارت مُراد آهي، طهارت ئي باطني غيبي پردن کي ظاهر ٿيڻ ۾ مؤثر هوندي آهي. (احياء العلوم،1019/1)

## ڪڏهن قرآن نہ وسرندو؟

منقول آهي تہ جيڪو شخص سمهڻ وقت هي آيتون پڙهندو اللّٰه پاڪ ان تي قرآن کي محفوظ رکندو (يعني ان کي قرآن ياد رکڻ جي توفيق عطا فرمائيندو) هو ڪڏهن بہ قرآنِ پاڪ نہ وساريندو:

وَ اِلٰـهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۶۳﴾ اِنَّ فِىۡ خَلۡقِ السَّمٰوٰتِ وَ
الۡاَرۡضِ وَاخۡتِلَافِ الَّيۡلِ وَالنَّهَارِ وَالۡفُلۡكِ الَّتِىۡ تَجۡرِىۡ فِى الۡبَحۡرِ بِمَا يَنۡفَعُ النَّاسَ وَ
مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنۡ مَّآءٍ فَاَحۡيَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا وَبَثَّ فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ
دَآبَّةٍ ۖ وَّ تَصۡرِيۡفِ الرِّيٰحِ وَ السَّحَابِ الۡمُسَخَّرِ بَيۡنَ السَّمَآءِ وَ الۡاَرۡضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ
يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۶۴﴾ (سيپارو: البقرة: 163-164)

## اجتماع ۾ شرڪت جي فضيلت

حضرت سيدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ جن فرمايو: جيڪڏهن علماء جي مجلسن جو ثواب ماڻهن تي ظاهر ٿي وڃي ته هو ان تي هڪ ٻئي سان وڙهن، ايستائين جو هر حڪومت وارو پنهنجي حڪومت ۽ هر دڪاندار پنهنجو دڪان ڇڏي ڏئي. (احياء العلوم، 1038/1 )

## اي باهه جا رب! مون کي ان کان نجات ڏي

زمانهءِ رسالت ۾ هڪ شخص جو معمول هو ته جڏهن ماڻهو سمهي پوندا هئا ته هو نماز پڙهندو هو ۽ بارگاهِ الٰهيءَ ۾ عرض ڪندو هو: يَارَبِّ النَّارِ اَجِرۡنِیۡ مِنۡهَا يعني اي باهه جا رب! مون کي ان کان نجات عطا فرماءِ. بارگاهِ رسالت ۾ ان جو تذڪرو ڪيو ويو ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: ”جڏهن وري ائين ٿئي ته مون کي اطلاع ڏجانءِ.“ (جيئن ته جڏهن اطلاع ڏني وئي ته) پاڻ ان وٽ تشريف کڻي آيا ۽ ان جون ڳالهيون ٻڌائون. جڏهن صبح ٿيو ته فرمايائون: ”اي فلاڻا! تو الله کان جنت جو سوال ڇو نه ڪيو؟“ ان عرض ڪيو: ”يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجو ايترو مقام ڪٿي ۽ نه ئي منهنجا عمل ان لائق آهن.“ ڪجهه ئي دير گذري ته حضرت

جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿي عرض ڪيو: ”يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪيس خبر ڏيو تہ الله پاڪ ان کي باھ کان نجات عطا فرمائي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيو آھي.“ (احياء العلوم، 1054/1)

## گناهن جون نحوستون

حضرت سيدُنا امام حسن بصري رحمة الله عليه فرمائن ٿا: ”گناهن جي ڪري ٻانھي کي رات جو اٿي عبادت ڪرڻ کان محروم ڪيو ويندو آھي.“ حضرت فضيل بن عياض رحمة الله عليه فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن توهان رات جو عبادت ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ تي قدرت نٿا رکو تہ ڄاڻي وٺو تہ توهان محروم آھيو ۽ توهان جون خطائون تمام گهڻيون آهن.“ (احياء العلوم، 1057/1)

## گناھ جي سزا ۾ جماعت رهجي ويندي آھي

حضرت سيدُنا ابوسليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن جي جماعت جو فوت ٿي وڃڻ ان جي ڪنهن گناھ جي ڪري آھي. وڌيڪ فرمائن ٿا: رات جو احتلام ٿيڻ هڪ سزا ۽ جنابَت (رحمتِ اِلاهي کان دوريءَ) جو سبب آھي. (احياء العلوم، 1062/1)

## دنيا ۾ 5 ڏينهن خاص ڪري لذتن کان بچو

ڪجهہ علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو دنيا ۾ پنج ڏينهن لذتن ۾ رهندو هو آخرت جي لذت نہ ماڻيندو. پنجن ڏينهن مان مراد هي آهن: (1) عيد الفطر، (2) عيدُ الاضحيٰ جو ڏينهن، (3) جمعي جو ڏينهن، (4) عرفہ جو ڏينهن ۽ (5) عاشوره جو ڏينهن. (احياء العلوم 1075/1)

## سمهڻ جا آداب

(1) وضو ۾ مسواڪ ڪري سمهي. (2) پنهنجي سيرانديءَ مسواڪ ۽ وضو جو پاڻي رکي. (3) جنهن کي ڪا وصيت ڪرڻي هجي اها لکي سيرانديءَ رکڻ کان سواءِ نہ سمهي. (4) تمام گناهن کان توبہ ڪري سمهي. (5) نرم ۽ ملائم بستر تي عيش پرستي ۾ نہ سمهي بلڪه درمياني قسم جو بسترو اختيار ڪري. (6) ان وقت تائين نہ سمهي جيستائين ننڊ جو غلبو نہ ٿئي. (7) قبلي رخ تي سمهي. (8) سمهڻ وقت دعا پڙهي. (9) سمهڻ وقت هي ياد ڪري تہ ننڊ بہ هڪ قسم جو موت آهي. (10) سجاڳ ٿيڻ وقت بہ دعا پڙهي. (احياء العلوم،1019/1 تا 1026)

## مغفرت جي بشارت

(1) روزو رکڻ. (2) صدقو ڏيڻ چاهي ٿورو ئي هجي. (3) مريض جي عيادت ڪرڻ. (4) جنازي ۾ حاضر ٿيڻ. انهن چئن ڪمن جي باري ۾ روايت آهي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جنهن انهن چئن ڪمن کي هڪ ڏينهن ۾ گڏ ڪيو تہ ان جي مغفرت ڪئي ويندي.“ هڪ روايت ۾ آهي ته ”هو جنّت ۾ داخل ٿيندو.“ (مسلم،ص 398، حديث:2374) جيڪڏهن انهن مان ڪجهہ ڪرڻ جو موقعو ملي ۽ ڪجهہ کان عاجز اچي وڃي (جو ڪنهن وجهہ سان نه ڪري سگهي) تہ ان کي ان جي نيّت جي اعتبار سان سيني جو ثواب ملندو. (احياء العلوم 1032/1)

## شب بيداريءَ ۾ آساني جا ظاهري ۽ باطني اسباب

ظاهري اسباب: (1) وڌيڪ کائڻ کان پرهيز (2) ڏينهن جو نفس کي نہ ٿڪائڻ، (3) ڏينهن جو قيلولہ ڪرڻ، (4) ڏينهن جو گناهن کان بچڻ.

باطني اسباب: (1) دل جو سلامت هجڻ، بغض ۽ ڪينو نہ هجڻ، (2) دل تي خوف طاري هجڻ، صُهَيّب (رحمۃُاللہعلیہ) کي جڏهن جهنم ياد ايندو آهي ته انهن کي ننڊ ناهي ايندي. (3) شب بيداريءَ جي فضيلت واريون آيتون ۽ حديثون نظر ۾ هجڻ، (4) ذاتِ باري تي پختو ايمان هجڻ ۽ ان جي ڪامل محبت دل ۾ هجي. (احياء العلوم، 1060/1تا 1064)

## شب بيداريءَ جو سڀ کان افضل طريقو

رات جي پهرين حصي ۾ قيام ڪري، جڏهن ننڊ اچي تہ سمهي پوي، وري سجاڳ ٿئي تہ وري قيام ڪري، وري ننڊ اچي تہ سمهي پوي، اهڙي طرح ان لاءِ رات ۾ بہ ننڊون ۽ بہ قيام ٿيندا هي رات جي مُشقت مان آهي. سڀ کان سخت ۽ افضل عمل آهي، هي پياري آقا صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي اخلاق مبارڪ مان آهي. صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم ۽ تابعين رحمۃُاللہعلیھم جي هڪ جماعت ائين ئي ڪيو. (احياء العلوم، 1071/1)

## ننڊ بابت هڪ بزرگ جو قول

هڪ بزرگ فرمائن ٿا: ننڊ پهريون پيرو ئي آهي، جڏهن مان سجاڳ ٿي وڃان ۽ بيهر سمهڻ چاهيان تہ الله مون کي نہ سمهاري.
(احياء العلوم، 1071/1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net